**25 ڊسمبر 2025ع (بمطابق: 4 رجب شريف 1447ھ)**

**تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار**
**اجتماعات ۾ ٿيڻ وارو بيان**

# موت جا بيشمار سبب

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ ....

- انسان، موت ۽ اميد جو مثال
- شداد جي نصيحت
- بادشاهن جون ڪوپڙيون
- نيوايئر نائيٽ عبرت جي رات آهي

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَارَسُوْلَ الله وَعَلٰى آلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَاحَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَانَبِيَّ الله وَعَلٰى آلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَانُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(ترجمو: مون سنت اعتڪاف جي نيت ڪئي)

# درود پاڪ جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم: اَوْلَى النَّاسِ بِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ اَكْثَرُهُمْ عَلَيَّ صَلَاةً يعني قيامت جي ڏينهن منهنجي سڀ کان ويجهو اهو شخص هوندو جنهن مون تي سڀ کان وڌيڪ درود شريف پڙهيو هوندو. (1)

نبی کے عاشقوں کی عید ہوگی عید محشر میں
کوئی قدموں میں ہوگا کوئی سینے سے لگا ہوگا
ترے دامانِ رحمت کی کھلے گی حشر میں وُسعت
وہ آ آ کر چھپے گا جو گنہگار اور بُرا ہوگا (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1…ترمذی، ابواب الوتر، باب ما جاء فی فضل الصلاۃ...الخ، صفحہ:144، حدیث:484۔

2…وسائل بخشش ، صفحہ:183۔

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي : اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي، اچو ته بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري ونون ٿا. نيت ڪيو ته ! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باادب ويهندس ۞ خوب توجهه سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

# جنهن کِلايو، اُنَ ئي روئاريو

روايتن ۾ آهي ته: هڪ دفعي ملڪ الموت(يعني موت جو فرشتو) حضرت عزرائيل عَلَيۡهِ السَّلَام ڪنهن جاءِ تي وينا هئا، ويني ويني مسڪرائڻ لڳا، پوءِ ٿوري ئي دير کان پوءِ روئڻ شروع ڪيائون.

رب ڪريم جيڪو سموريون لِڪيل ڳالهيون ڄاڻيندو آهي، الله پاڪ فرمايو: اي ملڪ الموت...!! تو ڇو مسڪرايو؟ ۽ پوءِ وري رُنا ڇو؟ عرض ڪيائين: اي الله پاڪ! هڪ دفعي تو مون کي حڪم ڏنو، مان هڪ عورت جو روح قبض ڪرڻ لاءِ پهتس، مون ڏٺو ته هوءَ ڏُور ڪنهن ريگستان ۾ هئي، ساڻس گڏ سندس کير پياڪ ٻار (*Newborn Baby*) به هو، انهن کان سواءِ پري پري تائين ٻيو ڪو به

---

1... بخاری، کِتَاب بَدءُ الۡوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

موجود نہ هو. ان عورت جو روح قبض ڪرڻ وقت مون کي ٻار تي تمام گهڻو رحم آيو ۽ مون روئي ڏنو هو، بهرحال! حڪم هو، روح تہ قبض ڪرڻو ئي هو، تنهنڪري مان ان ٻار کي اتي ئي ڇڏي سندس ماءُ جو روح قبض ڪري آيس. **اڄ اوچتو ان ٻار بابت سوچيندي مون کي روئڻ اچي ويو.**

عرض ڪيائين: اي مالڪ ڪريم! منهنجي روئڻ جو اهو ئي سبب هو. مسڪرايو ان ڪري هو جو هڪ دفعي مان هڪ شخص جو روح قبض ڪرڻ لاءِ پهتس، هو تمام گهڻو پيرسن هو، سندس چيلهہ ڇُٻي ٿي چڪي هئي، لَٺِ جي سهاري هلي رهيو هو، جڏهن مان ان جو روح قبض ڪرڻ پهتس، تہ ان وقت هو هڪ موچيءَ ***(Cobbler)*** وٽ وينو هو، ان جو چَپَل ڇڇِي پيو هو، هُو موچي کي چئي رهيو هو تہ منهنجي جُوتي کي اهڙو مضبوط تَرو ***(Sole)*** لڳاءِ! جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال تہ هلي وڃي.

ان کي ڏسي مون مسڪرائي ڏنو تہ ڏسو تہ سهي ڪيترو پوڙهو ٿي چڪو آهي، مان اِجهو سندس روح قبض ڪرڻ وارو آهيان ۽ هي هڪ سال جيئرو رهڻ جي اميد لڳائي وينو آهي. **اڄ ان ئي پوڙهي شخص** *(Old Man)* **جي باري ۾ سوچي مون ٻيهر مسڪرائي ڏنو.**

الله پاڪ فرمايو: اي ملڪ الموت...!! اِنَّ الَّذِیۡ اَبۡکَاكَ هُوَ الَّذِیۡ اَضۡحَکَكَ يعني بيشڪ جنهن توکي روئاريو هو، اهوئي آهي جنهن توکي کلايو آهي.

يعني اي ملڪ الموت! اهو ٻار جنهن تي رحم ڪائي توکي روئڻ آيو هو، هِي پوڙهو شخص اُهوئي ٻار هو جيڪو وڏو ٿيو، ڊگهي عمر

ماٽيائين، پوڙهائپ تائين پهتو، جنهن جي ڏکھي اميد کي ڏسي تو مسڪرايو هو.[1]

پہلوانوں کو پچھاڑا موت نے
کھیل کتنوں کا بگاڑا موت نے
ہاتھی جیسے بھی نہ چھوڑے موت نے
کیسے کیسے گھر اُجاڑے موت نے
قبر میں میّت اُترنی ہے ضرور
جیسی کرنی، ویسی بھرنی ہے ضرور

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## اللّٰه جي قدرت جو ٻہ چا شانُ آهي ....!!

پيارا اسلامي ڀائرو! هن واقعي تي غور ڪريو! هن مان اسان کي ٻہ ڳالهيون سکڻ لاءِ ملن ٿيون:

**(1):** سڀ کان پهريان تہ اللّٰه پاڪ جي قدرت ڏسو! هڪ ڪير پياڪ ٻار آهي، هڪ ان جي ماءُ آهي، وچ ريگستان ۾ آهن، پري پري تائين ڪو بہ موجود نہ آهي. ان حالت ۾ ماءُ جو بہ انتقال ٿي ويو. هاڻي سوچڻ جي ڳالهہ آهي تہ ٻار کي ڪنهن کنيو هوندو؟ ريگستاني جانورن کان ڪنهن بچايو هوندو؟ پرورش ڪنهن ڪئي هوندي...؟

اسان جي گھرن ۾ ٻار موجود آهن ۞ انهن جي پرورش بہ ٿي رهي آهي ۞ ڪجهہ ظاهري اسباب بہ موجود آهن ۞ سارَ سنڀال لهڻ لاءِ ماءُ بہ موجود آهي ۞ ڪمائي آڻڻ لاءِ والد صاحب بہ موجود آهي، ان ٻار وٽ وچ ريگستان ۾ ڪير هو؟ ڪو بہ نہ هو. پوءِ بہ اهو ٻار جيئرو بچي ويو ۽ زندگيءَ جا ڪيترائي سال گذاري پوڙهائپ کي بہ پهچي ويو.

---

[1] عجائب بنی اسرائیل، صفحہ:16۔

معلوم ٿيو تہ اسباب جا محتاج اسان ماڻهو آهيون، اهو مالڪ ڪريم قادرِ مطلق آهي، ظاهري طور جتي سمورا اسباب (Reasons) ختم ٿي ويندا آهن، ان جي قدرت اُتي بہ اسباب مهيا ڪري ڇڏيندي آهي.

وہ ہے منزہ شرکت سے | پاک سکون و حرکت سے
کام ہیں اس کے حکمت سے | کرتا ہے سب قدرت سے

لَااِلٰهَ اِلَّا الله! آمَنَّا بِرَسُوْلِ الله

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# وڏي عمر ماڻهو بہ قدرت جي نشاني آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جو هي جيڪو 5، 6 فٽ جو وجود آهي، ان تي بہ الله پاڪ جي قدرت ئي ڪم ڪندي آهي، اسان جو ان تي بہ اختيار نہ هلندو آهي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي:

وَ نُقِرُّ فِی الْاَرْحَامِ مَا نَشَآءُ اِلٰۤى اَجَلٍ مُّسَمًّى ثُمَّ نُخْرِجُكُمْ طِفْلًا ثُمَّ لِتَبْلُغُوْۤا اَشُدَّكُمْۚ وَ مِنْكُمْ مَّنْ یُّتَوَفّٰى وَ مِنْكُمْ مَّنْ یُّرَدُّ اِلٰۤى اَرْذَلِ الْعُمُرِ

(پارو: 17، سورة حج : 5)

ترجمو ڪنز العرفان: ۽ اسان مائرن جي پيٽ ۾ جنهن کي چاهيون ان کي هڪ مقرر وقت تائين رهائيندا آهيون پوءِ توهان کي ٻار جي صورت ۾ ڪيندا آهيون پوءِ (عمر ڏيندا آهيون) تہ توهان جوانيءَ کي پهچو ۽ توهان مان ڪو پهريان ئي مري ويندو آهي ۽ ڪو سڀ کان نِڪمي عمر ڏانهن موٽايو ويندو آهي.

۞ ٻارُ ماءُ جي پيٽ ۾ ڪيترو عرصو رهندو، ان تي نہ ماءُ جو اختيار *(Authority)* آهي، نہ ٻار جو ۞ جڏهن ٻار پيدا ٿي ويو، هاڻي هو ننڍپڻ ۾ ئي وفات ڪري ويندو يا جوانيءَ جي عمر تائين پهچندو؟ ان تي بہ اسان جو ڪو اختيار نہ آهي ۞ جوان ٿي ويو، هاڻي پيرِي بہ ڏسندو يا نہ، ان تي بہ اسان کي ڪو اختيار نہ آهي، ڪيترائي اهڙا آهن جيڪي ڦوهہ جواني ۾ ئي موت جي وَر چڙهي ويندا آهن ۽ ڪيترائي اهڙا هوندا آهن، جيڪي پوڙها ٿي ويندا آهن، ويچارا ايترا تہ ضعيف ۽ ڪمزور ٿي ويندا آهن جو **موت گهرندا آهن** پر ڪين موت نہ ايندو آهي.

هِي سڀ ان مالڪ ڪريم جا فيصلا آهن، هُو جنهن کي چاهيندو آهي، جيئن چاهيندو آهي، تيئن نوازيندو آهي. ان مان اسان کي ڪهڙو سبق ٿو ملي ...؟ اهو ئي تہ:

ڪوئی تو ہے جو نظامِ ہستی چلا رہا ہے، وہی خُدا ہے
دکھائی بھی جو نہ دے، نظر بھی جو آرہا ہے وہی خدا ہے
سفید اُس کا سیاہ اُس کا، نفس نفس ہے گواہ اُس کا
جو شعلہء جاں جلا رہا ہے، بُجھا رہا ہے ، وہی خدا ہے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سامان 100 سالن جو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ملڪ الموت عَلَیْہِ السَّلَام جي واقعي ۾ جنهن پوڙهي شخص جو ذڪر ٿيو، ان جي انداز ۾ بہ اسان جي لاءِ سبق آهي. اهو شخص پيرسن هو، موچي کي چئي رهيو هو تہ: **جُتي**

**كي اهڙو مضبوط تَرو (*Sole*) لڳاءِ جيڪو گهٽ ۾ گهٽ هڪ سال ته ڪڍي وڃي.**

هوڏانهن حضرت ملڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام سندس پاسي ۾ ئي بيٺو مسڪرائي رهيو هو ته ڏسو ...!! هِي هڪ سال جي اميد لڳائي ويٺو آهي جڏهن ته سندس موت جو وقت اچي چڪو آهي.

آگاہ اپنی موت سے کوئی بشر نہیں | سامان سو برس کا ہے پَل کی خبر نہیں

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جو حال به ذري گهٽ اهڙو ئي آهي ۞ اسان نه ٿا ڄاڻون ته موت ڪڏهن اچڻو آهي؟ ۞ خبر نه آهي ته ٻيو ساهه اسان ڪڻي به سگهنداسين يا نه ۞ سڀاڻي جو سج ڏسڻ نصيب به ٿيندو يا نه؟ اسان نه ٿا ڄاڻون، پر اسان جون خواهشون، تمنائون ۽ ڊگهيون اميدون ڏسو ته ايندڙ ڪيترن ئي سالن جي منصوبابندي (***Planning***) ڪري ويٺا هوندا آهيون ۞ پوڙهائپ واري عمر سٺي نموني گذارڻ جي لاءِ هاڻي کان ئي مال گڏ ڪري رهيا هوند اآهيون ۞ بينڪ بيلنس (***Bank balance***) وڌائي رهيا هوندا آهيون ۞ ايندڙ وقت جي لاءِ شيون ذخيرو (***Storage***) ڪري رهيا هوندا آهيون ۞ ڪا ننڍڙي شيءِ به بازار مان خريد ڪرڻي هوندي آهي ته پڇندا آهيون ته: **ڇا هن جي وارنٽي آهي**؟

جي ها! انهن شين جي ته وارنٽي آهي پر افسوس! اسان جي ڪا به وارنٽي نه آهي. اڄ جيڪا اسان مضبوط، پائيدار ۽ ڪيترن ئي سالن تائين هلڻ واري شيءِ خريد ڪري رهيا آهيون، ممڪن آهي ته اُها شيءِ اِتي ئي رهجي وڃي ۽ اسان موت جي ننڊ سمهي پئون.

# انسان، موت ۽ اميد جو مثال

صحابيءِ رسول حضرت عبد الله بن مسعود رضی اللّٰہ عنہ کان روايت آهي، فرمائن ٿا تہ هڪ ڏينهن الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صلَّی اللّٰہ علیہِ واٰلہٖ وسلَّم هڪ چورس خانو (*Square Box*) ناهيو، ان جي اندر هڪ ليڪ پاتائون، پوءِ ان ليڪ جي ٻنهي پاسي ننڍيون ننڍيون ليڪون پاتائون، پوءِ ان خاني جي ٻاهران هڪ ليڪ ڪڍيائون، پوءِ فرمايائون: هيءَ (يعني خاني جي اندر واري هڪ ليڪ) انسان آهي ۽ هي (يعني ان جي چوڌاري چورس خانو) اِهو موت آهي، جنهن انسان کي گهيري رکيو آهي، هي ننڍيون ننڍيون ليڪون، مختلف آفتون آهن جيڪي انسان کي چُنبڙِيل آهن، انسان هڪ کان بچي ويندو آهي تہ ٻي کيس ڏنگي (*Sting*) وجهندي آهي ۽ هيءَ (يعني خاني کان ٻاهر واري لڪير) انسان جي اميد آهي.[1]

آتے ہوئے اذاں ہوئی، جاتے ہوئے نماز | اتنے قلیل وقت میں آئے اور چل دیئے

پيارا اسلامي ڀائرو! غور تہ فرمايو! هن عبرتناڪ حديث پاڪ اسان جي حالتن جي پوري پوري عڪاسي ڪري ڇڏي آهي. واقعي موت اسان کي چئني پاسي کان گهيري رکيو آهي ۞ اسان پنهنجي چوڌاري موجود موت جي سببن تي غور ڪريون تہ ۞ بجلي موت جو ذريعو آهي ۞ اسان جي گاڏي موت جو ذريعو آهي ۞ بيماري موت جو ذريعو آهي ۞ اسان جو کاڌو اسان جي اندر وڃي زهر بہ بڻجي سگهي ٿو، تنهنڪري اهو بہ موت جو ذريعو آهي، اهڙي طرح غور ڪريون تہ موت اسان کي چئني پاسي کان گهيري رکيو آهي ۽

1…بخاری، کتاب، الرقاق، باب فی الامل وطولہ،صفحہ:1581،حدیث:6417 خلاصۃً۔

اسان مختلف قسمن جي مسئلن ۾ ڦاٿل آهيون ۞ ڪڏهن بيماري ايندي آهي ۞ ڪڏهن تنگدستي ايندي آهي ۞ ڪڏهن ٻارن جي ڳڻتي ۞ ڪڏهن پنهنجو فڪر ۞ ڪڏهن ڪاڌي پيتي جي پريشاني ۞ ڪڏهن ڪمائڻ جو فڪر ۞ اسان هزارين قسمن جي فڪرن ۽ مسئلن ۽ مصيبتن ۾ گهيريل آهيون، جڏهن ته اسان جون اميدون سالن جون آهن، اسان کي اِها خبر نه آهي ته سياڻي جو سج به ڏسنداسين يا نه، پر اسان وٽ منصوبابندي (*Planning*) **100** سالن جي هوندي آهي، خواب اسان وڏا وڏا سجائي رکيا آهن. افسوس! خبر نه آهي ته اِهي خواب پورا به ٿيندا يا نه، پر جيڪڏهن پورا ٿي به ويا، تڏهن به موت ته بهرحال اچڻو ئي اچڻو آهي، قبر ۾ ته لهڻو ئي لهڻو آهي، قيامت جي ڏيهن الله پاڪ جي بارگاهه ۾ پيشي ته ٿيڻي ئي ٿيڻي آهي ...!! پر افسوس! قبر جي باري ۾، قيامت جي باري ۾، اسان وٽ ڪا به پلاننگ (*Planning*) نه آهي.

# دنيا جو عجيب مثال

هڪ ٻي حديث پاڪ ٻڌو! ۽ غور ڪريو ته اسان جي آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کي ڪئين نه سمجهايو آهي ته ڪنهن طرح اسان ڳالهه سمجهي وڃون ۽ ان تي عمل ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:

مَثَلُ هٰذِهِ الدُّنْيَا مَثَلُ ثَوْبٍ شُقَّ مِنْ اَوَّلِهٖ اِلٰى آخِرِهٖ

هن دنيا جو مثال هڪ ڪپڙي جيان آهي ۽ ڪپڙو به اهڙو جيڪو شروع ڪان آخر تائين ڪتيل هجي.

فَبَقِیَ مُتَعَلِّقًا بِخَیْطٍ فِی آخِرِہٖ

بس آخر ۾ هڪ ڌاڳي سان اٽڪيل آهي،

فَیُوشِكُ ذٰلِكَ الْخَیْطُ أَنْ یَنْقَطِعَ

بس ٿوري ئي عرصي ۾ اهو ڌاڳو بہ ٽُٽي ويندو.[1]

ڪنهن شاعر ڪيڏي نہ خوبصورت عڪاسي ڪئي آهي:

اِک یہ جہاں، اِک وہ جہاں، دونوں جہاں کے درمیاں

ہے فاصلہ اک سانس کا، گر آگئی تو یہ جہاں، گر رُک گئی تو وہ جہاں

اِها صرف هڪ ساهہ جي تندُ ئي تہ آهي، مختصر تند، ڪمزور تند ...!! ڪجهہ منٽ آڪسيجن (*Oxygen*) نہ ملي تہ ساهہُ ٻُوساٽجڻ لڳندو آهي، اٽڪي پوندو آهي، ساهہ گهُٽجي ويندو آهي، بس هيءَ تند ٽٽڻ جي دير آهي، ٻانهو دنيا کان رخصت ٿي ويندو آهي. دنيا جي اها ئي حقيقت آهي.

# ڊاڪٽر جي سامهون وفات ٿي وئي

هڪ واقعو ڪنهن ڪتاب ۾ لکيل هو هڪ شخص پنهنجي شهر جي ماهر ترين ڊاڪٽر (*Specialist Doctor*) وٽ ويو، پنهنجو چيڪ اپ (*Check up*) ڪرايائين. ڊاڪٽر صاحب واقعي ماهر هئا، انهن چڱي نموني چيڪ اپ ڪيو، رت جون ٽيسٽون ڪرايون، رپورٽون (*Reports*) اچي ويون، اهو شخص پنهنجون رپورٽون کڻڻ لاءِ ڊاڪٽر صاحب وٽ پهتو، ڊاڪٽر صاحب ڏاڍي خوشي ۽ تسلي سان رپورٽون

---

1...مسوسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب قصر الامل، جلد:3، صفحہ:332، حدیث:122۔

سندس حوالي ڪيون ۽ چيو توهان جون سيئي رپورٽون بلڪل ٺيڪ آهن، توهان کي في الحال ڪا بہ بيماري وغيره نہ آهي. ان شخص پنهنجون رپورٽون ڪنيون ۽ جيئن ئي گهر وڃڻ لاءِ اٿيو تہ اتي ئي ڪري پيو. ڏٺو ويو تہ سندس روح پرواز ڪري چڪو هو.

بے وفا دنیا پہ مت کر اِعتبار | تُو اچانک موت کا ہوگا شکار
موت آکر ہی رہے گی یاد رکھ! | جان جا کر ہی رہے گی یاد رکھ!
گر جہاں میں سو برس تُو جی بھی لے | قبر میں تنہا قیامت تک رہے [1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# پِيرِي موت تائين پهچائي ڇڏيندي آهي

حضور اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللہ عَلَیہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: ابن آدم جو مثال اهڙو آهي جو ان جي چوڌاري 99 موتَ ڦرندا رهندا آهن، جيڪڏهن انهن کان بچي وڃي تہ پِيرِيءَ ڪي وڃي پهچندو آهي، ايسيتائين جو ڪيس موت اچي ويندو آهي.(2)

مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیہ هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا تہ يعني انسان جي لاءِ موت جا بيشمار (Countless) سبب آهن، هر گهڙي موت سندس مٿان سوار آهي پر جيڪڏهن الله پاڪ جي حڪم سان ان کان بچي ويو تہ آخر ۾ ڪيس پوڙهائپ ضرور ايندي، جنهن کان پوءِ موت يقيني (Confirm)

---

[1] وسائلِ بخشش، صفحہ:711۔

2… ترمذی،کتاب:القدر،صفحہ:519 ،حدیث:2150۔

آهي.(1)

تجھے پہلے بچپن نے برسوں کھلایا | جوانی نے پھر تجھ کو مجنوں بنایا
بڑھاپے نے پھر آکے کیا کیا ستایا | اَجل تیرا کر دے گی بالکل صفایا
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے | یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

# منصوبا ڪيترن جا، ملايا مِٽيءَ ۾ موت

الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو آهي:

اَلَمْ یَرَوْا كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ قَرْنٍ مَّكَّنّٰهُمْ فِی الْاَرْضِ مَا لَمْ نُمَكِّنْ لَّكُمْ وَ اَرْسَلْنَا السَّمَآءَ عَلَیْهِمْ مِّدْرَارًا ۪ وَّ جَعَلْنَا الْاَنْهٰرَ تَجْرِیْ مِنْ تَحْتِهِمْ فَاَهْلَكْنٰهُمْ بِذُنُوْبِهِمْ وَ اَنْشَاْنَا مِنْۢ بَعْدِهِمْ قَرْنًا اٰخَرِیْنَ ۝۶
(پارو: 7، سورة انعام: 6)

ترجموڪنز العرفان: ڇا انهن نہ ڏٺو تہ اسان انهن کان پهريان ڪيترين قومن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو، انهن کي اسان زمين ۾ اها قوت ۽ طاقت عطا فرمائي هئي جيڪا توهان کي نہ ڏني ۽ اسان انهن تي زوردار مينهن وسايو ۽ انهن جي هيٺان نهرون وهايون پوءِ انهن جي گناهن جي سبب انهن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو ۽ انهن کان بعد ٻيون قومون پيدا ڪيون.

الله! الله! پيارا اسلامي ڀائرو! عبرت، عبرت ۽ سخت عبرت جي ڳالهہ آهي، ڏسو! اسان کان پهريان هن دنيا ۾ ڪهڙا ڪهڙا ماڻهو

1... مرآة المناجيح، جلد:2،صفحه:424۔

آيا...!! ۞ فرعون جنهن کي تاج، تخت ۽ حڪومت ڏني وئي، خدائي جي دعويٰ ڪرڻ وارو بدبخت ڪافر ۞ نمرود ۞ هامان ۞ قارون. اُهي ڪهڙين ڪهڙين طاقتن وارا ۞ ڪهڙن ڪهڙن عهدن وارا ۞ مال ۽ دولت وارا ۞ عزت ۽ مرتبي وارا ۞ رعب ۽ دبدبي وارا. انهن جون به هزارين خواهشون هيون، لڪين تمنائون هونديون، تمام گهڻا خواب سجايا هوندائون پر افسوس! موت انهن کي اچي سوڙهو ڪيو ۽ ڪين فنا ڪري ڇڏيو.

پہلوانوں کو پچھاڑا موت نے | کھیل کتنوں کا بگاڑا موت نے

# شدّاد جي نصيحت

تابعي بزرگ حضرت وهب بن منبہ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا ته هڪ دفعي اللّٰه پاڪ جا نبي حضرت ابراهيم خليل الله عَلَيۡهِ السَّلَام سفر دوران هڪ جبل تي پهتا، اتي هڪ گهر هو، جنهن جا به دروازا هئا، پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام اندر داخل ٿيا، اندر هڪ تخت هو، ان تي ڪنهن جو لاش رکيل هو. جنهن جي مٿان 70 حُلّا (يعني خوبصورت ڪپڙا) وِڇل هئا، مٿي جي پرسان هڪ تختي رکيل هئي، حضرت ابراهيم عَلَيۡهِ السَّلَام ان تختي کي پڙهيو ته ان تي لکيل هو: مان شدّاد بن عاد آهيان ۞ مان هڪ هزار سالن تائين جيئرو رهيس ۞ مون هڪ هزار لشڪرن کي شڪست ڏني ۞ مان ئي شهرِ اِرم (يعني جنت جهڙو شهر) ناهيو. **پر افسوس!** جڏهن منهنجي موت جو وقت آيو ته منهنجون سيئي تدبيرون ناڪام ٿي ويون ۞ مون سڄي دنيا مان ڊاڪٽرن کي پنهنجي محل ۾ گڏ ڪيو پر انهن مان ڪو به موت کي ٽاري نه سگهيو، تنهنڪري جنهن مون کي ڏٺو، ان کي دنيا جي فريب ۾ نه

اڇڻ گهرجي. **اي انسانو!** پاڻ تي دنيا جا دروازا تنگ رکو! ۞ توهان ايڏي وڏي بادشاهت جا مالڪ نہ آهيو، جيتري جو مان مالڪ هئس ۞ توهان ايترو وقت زندهہ نہ رهندؤ، جيترو وقت مان زندهہ رهيس ۞ توهان ايترو مال گڏ نہ ڪري سگهندؤ، جيترو مون گڏ ڪيو هو، **ها! ها! بڇي ڇڏيو...!! دنيا ڌوڪيباز آهي، قاتل آهي، پنهنجي طلبگارسان راند ڪيڏندي رهندي آهي.** (1)

| | |
|---|---|
| بے وفا دنیا پہ مت کر اِعتبار | تُو اچانک موت کا ہوگا شکار |
| موت آکر ہی رہے گی یاد رکھ! | جان جا کر ہی رہے گی یاد رکھ! |
| گر جہاں میں سو برس تُو جی بھی لے | قبر میں تنہا قیامت تک رہے |
| جب فرشتہ موت کا چھا جائے گا | پھر بچا کوئی نہ تجھ کو پائے گا |
| موت آئی پہلواں بھی چل دیئے | خوبصورت نوجواں بھی چل دیئے |
| دنیا میں رہ جائے گا یہ دبدبہ | زور تیرا خاک میں مل جائے گا (2) |

# دنيا تہ آهي ئي ڌوڪو

پيارا اسلامي ڀائرو! **دنيا کي دارُالغُرور** (*The House of Pride*) چوندا آهن. هيءَ هڪ فريب جي جاءِ آهي، اللّٰه پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ مَا الْحَیٰوةُ الدُّنْیَاۤ اِلَّا مَتَاعُ الْغُرُوْرِ۝۱۸۵ (سيپارو: 4، سورة آل عمران: 185) | ترجمو ڪنزالعرفان ۽ دنيا جي زندگي تہ صرف ڌوڪي جو سامان آهي. |

1... نَوَادِرِ القليوبى، الحكاية الحادية و الثلاثون بعد المائة...الخ، صفحہ:97، 98۔

2... وسائلِ بخشش، صفحہ:711 ملتقطاً۔

۞ اسان اِهو سمجهندا آهيون تہ اسان طاقتور آهيون ۞ اسان سمجهندا آهيون تہ اسان جوان آهيون ۞ اسان سمجهندا آهيون تہ اسان وٽ پئسو آهي، مال آهي، دولت آهي، بينڪ بيلنس آهي ۞ وڏو عهدو آهي ۞ ڪنهن کي ڏگهيون اميدون لوڙهي ڇڏينديون آهن ۞ ڪو پنهنجي هوشياري ۽ چالاڪي تي فخر ڪندو آهي ۞ ڪنهن کي پنهنجي سُريلي آواز تي گهمنڊ هوندو آهي ۞ ڪو پنهنجي عقل جي غرور ۾ گم هوندو آهي. **پر افسوس! هيءَ دنيا فريب آهي**، وقت گذرندي ڪا خبر ئي نہ پوندي آهي، آخرڪار حضرت عزرائيل عَلَيْهِ السَّلَام تشريف ڪٺي ايندا آهن، آخري هِڏڪِي ايندي آهي، ساهہ اٽڪندو آهي ۽ سڀ ڪجهہ اِتي ئي رهجي ويندو آهي، ڪاڏي وئي دولت، ڪاڏي وئي جواني، ڪاڏي وئي طاقت ۽ ڪاڏي ويو اهو عهدو...!!

بے وفا دنیا پہ مت کر اِعتبار | تُو اچانک موت کا ہوگا شکار
دنیا میں رہ جائے گا یہ دبدبہ تِرا | زور تیرا خاک میں مل جائے گا
تیری طاقت تیرا فن عُہدہ تِرا | کچھ نہ کام آئے گا سرمایہ ترا (1)

# بادشاهن جون کوپڙيون

حضرت سڪندر ذوالقرنين (*Alexander Zulqarnain*) رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جن جو ذڪر قرآن ڪريم ۾ بہ آيو آهي، هِي بہ تمام وڏا بادشاهہ هئا، انهن اوير ۽ اولهہ جو سفر ڪيو. روايت ۾ آهي تہ: هڪ دفعي هِي هڪ

1... وسائلِ بخشش، صفحہ:711 ملتقطاً۔

اهڙي شهر ۾ پهتا، جتي ماڻهن وٽ دنيا جو مال متاع بلڪل بہ نہ هو، انهن قبرون تيار ڪري رکيون هيون، جڏهن صبح ٿيندو هو تہ اهي قبرن جي طرف ايندا هئا، انهن جي ياد تازي ڪندا هئا، انهن کي صاف ڪندا هئا ۽ انهن جي ويجهو نمازون پڙهندا رهندا هئا. اُهي عجيب ماڻهو هئا، گاهہ پن ۽ سبزيون وغيره کائي پيٽ پريندا هئا ۽ الله پاڪ جي عبادت ۾ مصروف رهندا هئا. حضرت سڪندر ذوالقرنين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيه انهن جي سردار وٽ تشريف فرما ٿيا، سلام دعا کان پوءِ چيائون: مان اوهان کي اهڙي حالت ۾ ڏسي رهيو آهيان جو ڪنهن قوم کي اهڙي حالت ۾ نہ ڏٺو آهي. سردار چيو: ڪهڙي حالت جي ڳالهہ ڪري رهيا آهيو؟ فرمايائون: اِها ئي تہ توهان وٽ دنيا جو مال ۽ متاع ڪجهہ بہ نہ آهي. ۞ **سردار وراڻيو: اسان سون (*Gold*) ۽ چاندي (*Silver*) جمع ڪرڻ کي بُرو سمجهندا آهيون ڇو تہ جنهن کي اِهي شيون ملي وينديون آهن، اُهو انهن ۾ گم ٿي آخرت کي وساري ويهندو آهي.** پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيه پڇيو: توهان قبرون ڇو تيار ڪري رکيون آهن؟ ۞ **سردار جواب ڏنو: اِهو ان ڪري تہ جڏهن اسان قبرن کي ڏسون تہ انهن جي ياد تازي ٿيندي رهي ۽ ان جي ذريعي اسان دنيا جي لالچ کان پري رهون.** پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيه پڇيو: توهان گاهہ پن ۽ سبزيون وغيره ئي ڇو کائيندا آهيو؟ ۞ **سردار چيو: ڪاڻو جڏهن نڙيءَ مان هيٺ لهي ويندو آهي تہ پوءِ (چاهي اهو ڪيترو بہ لذيذ ڇو نہ هجي) ان جو ڪو بہ ذائقو باقي نہ رهندو آهي.**

انهن سوالن جوابن کان پوءِ سردار هٿ وڌائي هڪ کوپڙي کنئي ۽ چيو: حضرت ذوالقرنين! ڇا اوهان کي خبر آهي ته هيءُ ڪير آهي؟ فرمايائون: نه. سردار چيو: هيءُ هڪ بادشاهه هو. الله پاڪ هِن کي دنيا وارن تي حڪومت عطا فرمائي هئي پر هن ظلم ۽ ستم ڪيو ۽ سرڪش بڻجي ويو. پوءِ ڇا ٿيڻو هو، آخرڪار هڪ وقت آيو، هن جو روح به نڪري ويو ۽ هي موت جي ننڊ سمهي پيو. هاڻي هي رستي ۾ پيل پٿر وانگر بلڪل بيڪار آهي. **ها! هن جا عمل شمار ڪيا ويا آهن، جن تي آخرت ۾ ڪيس سزا ڏني ويندي**- ايترو چوڻ کان پوءِ سردار هڪ ٻي کوپڙي کنئي ۽ چيائين: اي حضرت ذوالقرنين! ڇا اوهان ڄاڻو ٿا ته هي ڪير آهي؟ فرمايائون: مان نه ٿو ڄاڻان، ڀلا ٻڌاءِ ته هي ڪير آهي؟ سردار چيو: هي به هڪ بادشاهه هو. هي پهريان واري بادشاهه جا ظلم ۽ زيادتيون ڏسي چڪو هو، تنهنڪري هن عاجزي اختيار ڪئي، الله پاڪ کان ڊنو ۽ عدل ۽ انصاف سان حڪومت ڪندو رهيو. **آخرڪار هن کي به موت آيو، ان جا به عمل شمار ڪيا ويا آهن، ۽ آخرت ۾ ان کي به پنهجي عملن جو بدلو ڏنو ويندو**- (1)

| | |
|---|---|
| ملے خاک میں اہلِ شاں کیسے کیسے | مکیں ہو گئے لا مکاں کیسے کیسے |
| ہوئے نامور بے نشان کیسے کیسے | زمین کھا گئی نوجوان کیسے کیسے |
| جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے | یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے |

1...مکاشفة القلوب، الباب التاسع و الخمسون...الخ، صفحه:216 ـ

# نيوايئرنائيٽ (*New Year Night*) ۾

# طوفانِ بدتميزي

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ ڳالھ سچ آهي تہ موت اچڻو آهي، اچڻو ئي اچڻو آهي. ان کي ڪنهن بہ طرح ٽاري نہ ٿو سگھجي. اِها ڳالھ اسان کي چڱيءَ طرح معلوم آهي پر پوءِ بہ اسان دنيا جي رنگينين ۾ مشغول رهندا آهيون ۞ ڪڏهن سوشل ميڊيا (*Social media*) ۞ ڪڏهن پڪنڪ (*Picnic*) ۞ ڪڏهن اجايو هوٽلنگ (*Hotelling*) ۞ تہ ڪڏهن دوستن سان گپ شپ جون محفلون ۞ پر هاڻي تہ ڦهرين جنوري اچڻ واري آهي، **نيو ايئر نائيٽ** (*New Year Night*) ...!! افسوس! جيئن ئي نئون سال ايندو آهي تہ نوجوان اهڙو تہ شور مچائيندا آهن جو اَلْاَمَان وَالْحَفِيْظ...!!

ٿيڻ تہ ائين گهرجي تہ جيئن ئي نئون سال شروع ٿئي تہ اسان موت جو فڪر ڪريون، گذريل سال جو جائزو وٺون، نيڪيون ڪرڻ ۾ جيڪا ڪمي رهجي وئي، ان کي پورو ڪرڻ جو سوچيون، جيڪي گناھ ڪري ويناسين، انهن کان توبھ ڪريون پر افسوس! نئين سال جي شروعات ئي گناهن ۽ بُرن ڪمن سان ڪئي ويندي آهي. 31 ڊسمبر جي رات جو 12 ٿيندي ئي **نيو ايئر نائيٽ** (*New Year Night*) جي نالي تي طوفانِ بدتميزي برپا ٿيندو آهي ۞ خاص ڪري نوجوان تہ ڪجھ وڏيڪ ئي آپي کان ٻاهر نڪري ويندا آهن ۞ ناچ ڳاني جون محفلون سجايون وينديون آهن ۞ شراب پيتو ويندو آهي ۞ جوا کيڏي ويندي آهي ۞ رات جو 12 ٿيندي ئي ڪروڙين روپيا آتشبازي (*Fireworks*) جي نالي تي ساڙي خاڪ ۾

ملايا ويندا آهن ۞ هوائي فائرنگ ڪئي ويندي آهي ۞ جواني جي مستيءَ ۾ مست نوجوان گهٽين ۾ شور مچائيندا آهن ۞ ڪيترائي نوجوان تہ ون ويلنگ (*One Wheeling*) ڪندي موت جي حوالي بہ ٿي ويندا آهن ۞ اهڙي طرح **نيو ايئر نائيٽ** (*New Year Night*) جي نالي تي ٿيڻ وارن فنڪشنز (*Functions*) ۾ ڪيترائي ماڻهو زهريلو شراب پيئڻ يا هوائي فائرنگ جي سبب يا ڪي وري آتشبازي جي نتيجي ۾ باهہ ۾ سَڙِي موت جي مُنهَن ۾ هليا ويندا آهن.

## 36 نوجوان موت جي وَر چڙهي ويا

ڪراچي جي ريلوي ڪالوني جو واقعو آهي. هڪ دفعي رمضان شريف جو مهينو هو، هن بابرڪت مهيني جي بابرڪت راتين جو تقدس پامال ڪندي، ريلوي ڪالوني جي ڪُل 40 نوجوانن رقص جي هڪ محفل سجائڻ جو پروگرام ٺاهيو. محفل ۾ ڳائڻ وڄائڻ سان گڏوگڏ شراب جو بہ بندوبست هو. جيئن ئي رات جي شروعات ٿي تہ انهن نوجوانن گڏجي ناچ گانو شروع ڪري ڏنو، گڏوگڏ شراب جا جام بہ ڇُلڪائڻ لڳا. اهڙي طرح انهن سڄي ڪالوني ۾ اهڙو تہ شور مچايو جو خدا جي پناهہ. ان دوران ڪجهہ نوجوان شراب جي نشي ۾ ڌُت ٿي ٿاٻڙجڻ لڳا ۽ ڦهُ ڪري هيٺ ڪِري پيا. ٻين نوجوانن انهن جي ڪرڻ تي زور دار ٺهڪ ڏنا ۽ ان سان گڏ ئي شراب جو دور تيز ڪري ڇڏيائون.

اِئين ئي جام تي جام هلندا رهيا، ناچ ٿيندو رهيو ۽ نوجوان دنيا کان بي خبر ان محفل جي رنگ ۾ رنگجندا ويا. رات گهري ٿيندي

ٻئي ٻئي نوجوان شراب پيئندا پئي ويا ۽ لڙکڙائيندي هيٺ ڪرندا پئي ويا، ايتري تائين جو فرش تي سندن تعداد وڌڻ لڳو. اوچتو هڪ دوست ٻئي کان پڇيو: هنن سيني کي ڇا ٿيو آهي؟ هي سڀ ڇو سمهي پيا آهن؟ ٻئي دوست حيرت وچان اکين سان پنهنجن دوستن کي فرش تي ڪريل ڏٺو ۽ ان کان پوءِ پنهنجي دوست ڏانهن ڏٺائين ته ٻئي معاملي جي نوعيت سمجهي ويا. تنهنڪري انهن فوراً پوليس کي اطلاع ڏنو ۽ جڏهن پوليس محفل ۾ پهتي ته **27** نوجوان فرش تي تڙپي تڙپي جان جي بازي هارائي چڪا هئا جڏهن ته جيڪي جيئرا بچيا هئا اهي به بري طرح تڙپي رهيا هئا. پوليس هڪدم جيئرو بچي ويلن کي اسپتال پهچايو. ائين ريلوي ڪالوني ۾ رمضان جي مقدس مهيني ۾ سجايل ناچ ۽ گانن جي محفل موت جي محفل بڻجي وئي ۽ **36** نوجوان زهريلي شراب جي وَر چڙهي ويا.[1]

| | |
|---|---|
| وہ ہے عیش و عشرت کا کوئی محل بھی | جہاں تاک میں ہر گھڑی ہو اَجل بھی |
| بس اب اپنے اس جہل سے تُو نکل بھی | یہ جینے کا انداز اپنا بدل بھی |
| جگہ جی لگانے کی دُنیا نہیں ہے | یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے |

# نيو ايئر نائيٽ عبرت جي رات آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! نيو ائير نائيٽ شبِ غفلت نه پر شبِ عبرت آهي. جي ها! ڏينهن ۽ رات جو اچڻ وڃڻ، سج جو اُڀرڻ، پوءِ لهي وڃڻ، ڏينهن، هفتا، مهينا ۽ سالن جو گذرندو وڃڻ **موت جا قاصد**

[1] برائیوں کی ماں، صفحہ:14-15۔

آهن، انهن ۾ بہ اسان جي لاءِ عبرت جو سامان آهي. اللہ پاڪ قرآن ڪريم ۾ ارشاد فرمايو آهي:

يٰۤاَيُّهَا الْاِنْسَانُ اِنَّكَ كَادِحٌ اِلٰى رَبِّكَ كَدْحًا فَمُلٰقِيْهِۚ۝۶

(پارو: 30، سورة انشقاق: 6)

ترجمو ڪنز العرفان: اي انسان! بيشڪ تون پنهنجي رب جي طرف ڊوڙڻ وارو آهين پوءِ ان سان ملڻ وارو آهين.

حضرت فُضيل رحمۃ اللہ علیہ هڪ شخص کان پڇيو: تنهنجي عمر ڪيتري ٿي وئي آهي؟ چيائين: **60** سال. فرمايائون: **60** سالن کان تون اللہ پاڪ ڏانهن سفر ڪري رهيو آهين، عنقريب ان جي بارگاهہ ۾ پهچي ويندين. [1] صحابيءِ رسول حضرت ابو درداء رضی اللہ عنہ فرمائن ٿا تہ تنهنجي زندگي ڏينهن جو مجموعو آهي، جڏهن هڪ ڏينهن گذري ويو تہ تنهنجي زندگي جو هڪ حصو پورو ٿي ويو. [2] ڪنهن ڏاهي جو قول آهي تہ ماڻهو هن دنيا تي ڪيئن خوش ٿي سگهي ٿو، جڏهن تہ هتي ڏينهن مهينن کي، مهينا سالن کي ۽ سال زندگي کي گهٽائيندا پيا وڃن. [3]

## زندگي گهٽ ٿيڻ تي خوشيون ملهائڻ وارا عجيب ماڻهو

علامہ ابن رجب حنبلي رحمۃ اللہ علیہ فرمائن ٿا: اي سال گذرڻ تي خوشيون ملهائڻ وارؤ! توهان اصل ۾ پنهنجي زندگي گهٽ ٿيڻ تي خوش ٿي رهيا آهيو. [4] وڌيڪ فرمائن ٿا: اي اُهي شخص! جنهن جو

1…لطائف المعارف، صفحہ:405۔

2…لطائف المعارف، صفحہ:405۔

3…لطائف المعارف، صفحہ:406۔

4… لطائف المعارف، صفحہ:405۔

هڪ جي پويان هڪ سال گذرندو پيو وڃي پر هو غفلت جي ننڊ مان بيدار نہ ٿو ٿئي، اي اُهي شخص! جنهن جو سال گذري ويو پر هُو اڃان تائين گناهن جي سمنڊ ۾ غرق آهي،[1] قيامت جي ڏينهن جڏهن تون اللّٰہ پاڪ جي حضور ۾ حاضر ڪيو ويندين تہ تو وٽ ڪهڙو بهانو هوندو؟ هن غفلت ۽ گناهن ڀري زندگي جو ڪهڙو عذر پيش ڪندين...!!

## بهتر ڪير آهي...؟

ترمذي شريف ۾ آهي: اللّٰہ پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صلَّی اللہ علَیہِ واٰلِہٖ وسلَّم جي خدمت ۾ سوال ٿيو: اَیُّ النَّاسِ خَیْرٌ؟ يعني بهترين انسان ڪير آهي؟ فرمايائون: مَنْ طَالَ عُمُرُہٗ وَ حَسُنَ عَمَلُہٗ جنهن جي عمر ڊگهي ۽ عمل سٺا هجن. پوءِ پڇيو ويو: اَیُّ النّاسِ شَرٌّ؟ يعني سڀني کان بُرو انسان ڪير آهي؟ فرمايائون: مَنْ طَالَ عُمُرُہٗ وَ سَاءَ عَمَلُہٗ جنهن جي عمر ڊگهي ۽ عمل بُرا هجن.[2]

اللّٰہ! اللّٰہ! پيارا اسلامي ڀائرو! اسان غور ڪريون تہ ڪيترا ماڻهو آهن جيڪي گذريل سال دنيا مان رخصت ٿي ويا، يقيناً اسان کي مهلت مليل آهي، اسان جا ساهہ اڃان هلي رهيا آهن، يقيناً نئون سال ملڻ ڪا خوشي جي ڳالهہ نہ آهي، ڏسڻو تہ اهو آهي تہ اسان جا عمل ڪهڙا آهن؟ بهتر اهو آهي جنهن جي عمر ڊگهي هجي ۽ سندس عمل سٺا هجن ۽ جيڪڏهن نئون ڏينهن تہ ملي، نئون هفتو، نئون

---

1...لطائف المعارف، صفحہ:407۔

2...ترمذی،کتاب :الزہد،باب:ما جاء فی طول العمر للمؤمن،صفحہ:557 ،حدیث:2330۔

مهينو، نئون سال ڏسڻ تہ نصيب ٿئي پر عمل بُرا ئي هجن، پهريان گناهن ۾ گرفتار هو، نئين سال ملڻ تي بہ گناهن ۾ گرفتار آهي، پهريان بہ غفلت ۾ ڏينهن گذري رهيا هئا، نئون سال شروع ٿيڻ تي بہ غفلت طاري آهي، اهڙو شخص سنو نہ آهي پر تمام گهڻو بُرو آهي.

## صِدِيقِين جو هڪ پيارو وصف

منقول آهي تہ هڪ نيڪ شخص جي قسمت جاڳي پئي، ان کي خواب ۾ پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صلَّى الله عليه واله وسلَّم جي زيارت نصيب ٿي، عرض ڪيائين: يا رسول الله صلَّى الله عليه واله وسلَّم! مون کي نصيحت فرمايو! پياري نبي، رسولِ هاشمي صلَّى الله عليه واله وسلَّم فرمايو: جنهن شخص جا بہ ڏينهن هڪ جهڙا هجن (يعني جيئن ڪالهوڪو ڏينهن گذريو هو، اڄوڪو ڏينهن بہ تيئن ئي گذري وڃي، يعني ڪالهہ **5** نيڪيون ڪيون هئائين، اڄ بہ **5** ئي نيڪيون ڪيائين، نيڪين ۾ ڪو بہ واڌارو نہ ٿيو، يا ڪالهوڪو ڏينهن گناهن ۾ گذريو هو، اڄوڪو ڏينهن بہ گناهن ئي ۾ گذري ، توبهہ نہ ڪئي تہ اهڙو شخص) ڏوکي ۾ آهي ۽ جنهن جو اڄوڪو ڏينهن گذريل ڏينهن کان وڌيڪ بُرو هجي، اهو ملعون آهي. (1)

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: صديقين (يعني تمام وڏي رتبي وارا اولياءِ ڪرام) ان ڳالهہ کان حيا ڪندا آهن تہ انهن جو اڄ جو ڏينهن

---

1… لطائف المعارف، صفحہ:400۔

ڪالهہ جهڙو گذري (يعني اهي هر ڏينهن نيڪين ۾ ڪجهہ نہ ڪجهہ واڌارو ئي ڪندا آهن).[1]

ڪاش! اسان کي بہ نصيحت ملي وڃي، اسان بہ عبرت حاصل ڪريون، پنهنجي آخرت جو فڪر ڪريون، هي سال تہ ختم ٿيڻ جي ويجهو آهي، اچڻ واري سال ۾ اسان بدلجي وڃون، پنهنجي اخلاق، ڪردار، ۽ عادتن ۾ تبديلي آڻيون، نئون سال سٺي انداز ۾، گناهن کان بچندي، نيڪين ۾ گذارڻ جي ڪوشش ڪريون.

پيارا اسلامي ڀائرو! سال بدلجندا رهندا آهن، ڪاش! هن سال رڳو سال نہ بدلجي، پر اسان بہ بدلجي وڃون، ڪاش! اسان عبرت حاصل ڪريون، سال بدلجي رهيو آهي، اسان بہ پنهنجون عادتون بدلايون، گناهن جي عادت آهي تہ توبهہ ڪري وٺون ۞ نمازون نہ پڙهڻ جي عادت آهي تہ پنج ئي وقت پابندي سان باجماعت نماز پڙهڻ وارا بڻجي وڃون ۞ تهجد جي عادت اپنايون ۞ اشراق، چاشت ۽ اوابين جا نفل پڙهڻ جي عادت بڻايون ۞ درود پاڪ جي ڪثرت ڪندا رهون ۞ قافلن ۾ سفر ڪرڻ جو معمول بڻائي ڇڏيون ۞ پنهنجي عملن جو جائزو وٺڻ ۽ نيڪ اعمال جو رسالو پرڻ جي عادت اختيار ڪريون ۞ نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارا بڻجي وڃون ۞ سنتن ڀريو لباس اختيار ڪريون ۞ سنت مطابق زُلفُون رکون ۞ ڏاڙهي شريف سجائي ڇڏيون ۞ عمامي جو تاج سجايون ۞ ڪاوڙ ڪرڻ جي عادت آهي تہ حِلم اختيار ڪريون ۞ حسد، تڪبر، خود پسندي وغيره باطني بيمارين کان پنهنجي دل کي صاف ڪريون ۞ سٺيون عادتون اختيار ڪريون، سٺا انداز اختيار

1... لطائف المعارف، صفحہ:400۔

ڪريون ۽ جنت ۾ وني وڃڻ وارن ڪمن ۾ لڳي وڃون. ڪاش! سال بدلجڻ سان گڏوگڏ اسان بہ بدلجي وڃون.

## نيو ايئر نائيٽ (New Year Night) ۾ ڪرڻ وارا ڪم

پيارا اسلامي ڀائرو! نئون عيسوي سال شروع ٿي رهيو آهي ۞ هن موقعي تي پنهنجي عملن جو جائزو وٺڻ گهرجي مثال طور اسان غور ڪريون تہ گذريل دفعي جڏهن نئون سال شروع ٿيو هو تہ ان وقت کان وٺي هن وقت تائين اسان ڪيتريون نيڪيون ڪمائڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون؟ افسوس! اعمالنامي ۾ ڪيترن گناهن جو واڌارو ڪري چڪا آهيون؟...! ۞ نئين سال جي شروعات جي موقعي تي اسان پنهنجي گناهن کان توبهہ ڪريون ۞ نئون سال شروع ٿي رهيو آهي، نئين سال جي ابتدا نيڪين سان ڪئي وڃي ۞ اللّٰه جي ذڪر سان ڪئي وڃي ۞ نعت خواني سان ڪئي وڃي ۞ سجدن سان ڪئي وڃي ۞ هي نئون سال ملي وڃڻ، زندگي جا ايترا لمحا نصيب ٿي وڃڻ اها بہ تہ اللّٰه پاڪ جي نعمت آهي، ان جو شڪر ادا ڪيو وڃي ۞ نئين سال جا نوان هدف مقرر ڪيا وڃن، سنيون سنيون نيتون ڪيون وڃن مثلاً ۞ هِن اچڻ واري نئين سال ۾ هيتري تلاوت ڪندس ۞ هيترا درود پاڪ پڙهندس ۞ هيتريون نمازون پڙهندس ۞ جيڪڏهن قضا نمازون آهن تہ انهن ڪي جلد کان جلد ادا ڪرڻ جي نيت ڪئي وڃي ۞ رمضان شريف اچڻ وارو آهي، اعتڪاف جي نيت ڪئي وڃي ۞ هر مهيني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي نيت ڪئي وڃي ۞ نيڪ اعمال جو رسالو روزانو پابندي سان پُر ڪرڻ جي نيت ڪئي وڃي ۞ هفتيوار سنتن ڀريي اجتماع ۾

هفتيوار مدني مذاڪري ۾ پابندي سان شرڪت ڪرڻ جي نيت ڪئي وڃي.

## نيوايئرنائيٽ (New Year Night) ۾ مدني مذاڪرو

نيو ائير نائيٽ (*New Year Night*) ڪي نيڪين ۾ گذارڻ جو هڪ بهترين طريقو هي بہ آهي تہ الحمدُ لله! شيخ طريقت، امير اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هن رات عموماً مدني چينل تي براهِ راست (*Live*) مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، هن مدني مذاڪري ۾ شرڪت ڪرڻ جي نيت ڪري ڇڏيو. اي ڪاش! اسان ڪي غفلت کان جاڳڻ نصيب ٿي وڃي، الله پاڪ اسان سيني ڪي نيڪ بڻجڻ، نيڪيون ڪرڻ ۽ وقت جو قدر سڃاڻڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ٻج پوکڻ جو مهينو

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمدُ لله! رجب شريف جي آمد آهي، هي نيڪين جو مهينو آهي. هن ۾ خوب عبادت ڪريو! ۞ نفل روزا رکڻ جو اهتمام ڪريو، حديثِ پاڪ جي مطابق رجب جي پهرين ڏينهن جو روزو 3 سالن جو، ٻئي ڏينهن جو روزو 2 سالن جو، ۽

تئين ڏينهن جو روزو هڪ سال جو ڪفارو آهي، پوءِ هر ڏينهن جو روزو هڪ مهيني جو ڪفارو آهي[1].

لهٰذا جلدي ڪريو! رمضان جو انتظار نہ ڪريو! اڄ ۽ هاڻي ئي نيڪيون ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو! صوفياءِ ڪرام فرمائن ٿا: رجب ٻج پوکڻ جو مهينو آهي، شعبان پاڻي ڏيڻ جو، ۽ رمضان شريف فصل ڪٽڻ جو مهينو آهي. يعني، رجب ۾ نوافل ۾ خوب ڪوشش ڪريو! شعبان ۾ پنهنجي گناهن تي ڳوڙها وهايو ۽ رمضان ۾ الله پاڪ کي راضي ڪري ان فصل کي خيريت سان ڪٽيو[2]!

| | |
|---|---|
| میں رحمت، مغفرت، دوزخ سے آزادی کا سائل ہوں | مہِ رمضان کے صدقے میں فرما دے کرم مولا |
| بَراءَت دے عذابِ قبر سے، نارِ جہنّم سے | مہِ شعبان کے صدقے میں کر فضل و کرم مولا |
| عبادت میں، ریاضت میں، تلاوت میں لگا دے دِل | رجب کا واسطہ دیتا ہوں فرما دے کرم مولا(3) |

الله پاڪ اسان سڀني کي گهٽي کان گهٽيون نيڪيون ڪرڻ، ۽ نيڪ ڪمن ۾ پنهنجو دل لڳائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

# عرسِ خواجہ جي دعوت

---

[1] جامع صغير، صفحہ:311-312، حديث:5051۔

[2] مراۃ المناجيح، جلد:2، صفحہ:330 بتغير ۔

3…وسائلِ بخشش، صفحہ:98۔

پيارا اسلامي ڀائرو! رجب شريف جي 6 تاريخ تي برّصغير (Subcontinent) جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت، خواجہ غريب نواز رحمۃُ اللہ علیہ جو عرس شريف ٿيندو آهي. پاڻ رحمۃُ اللہ علیہ 537 هجري ۾ پيدا ٿيا ۞ نالو مبارڪ حسَن آهي، جڏهن ته غريب نواز، سلطانُ الهند، وارثُ النّبي، عطاءِ رسول وغيره سندن مشهور لقب آهن. ۞ پاڻ رحمۃُ اللہ علیہ والد ۽ والده ٻنهي طرفن کان سيدزاده آهن. ۞ ظاهري ۽ باطني علوم حاصل ڪرڻ کان پوءِ هند جي علائقي اجمير ۾ علم ۽ معرفت جو فيضان تقسيم ڪندي، 96 سالن جي عمر ۾، 6 رجب، 627 هجري، سومر جي صبح جو فجر جي وقت انتقال فرمايائون. انتقال جي وقت پاڻ رحمۃُ اللہ علیہ جي نوراني پيشاني تي لکيل هو: هَذَا حَبِيْبُ اللهِ مَاتَ فِی حُبِّ اللهِ يعني هي الله جو محبوب ٻانهو، الله جي محبت ۾ وصال ڪري ويو.

تمام عاشقانِ خواجه، خواجه حضور جي عرس مبارڪ جو اهتمام ڪريو، اِنْ شَاءَ اللّٰهُ الْكَرِيم! دعوتِ اسلامي جي زيرِ اهتمام مختلف هنڌن تي عرسِ خواجه حضور جو اهتمام ڪيو ويندو آهي. جن کان ٿي سگهي، انهن اجتماعن ۾ شرڪت ڪريو. الله پاڪ اسان کي اولياءَ الله جي فيضان مان حصو نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: درس

پيارا اسلامي ڀائرو! الحمد لله! اڄ جي هن پرفتن دور ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوت اسلامي امت کي نيڪ نمازي ۽ سنتن جو پابند بڻائڻ جي ڪوشش ۾ مصروفِ عمل آهي، اوهان به دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو، ذيلي حلقي جي **12** ديني ڪمن ۾ خوب زور شور سان حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار برڪتون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي **12** ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم درس به آهي.

مسجد، چوڪ، مارڪيٽ بالخصوص گھر ۾ جتي جتي به موقعو ملي درس ڏيڻ جي ڪوشش ڪريو! ڏئي نه سگھو ته ان ۾ شرڪت ڪريو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! ۞ علم دين سکڻ جو موقعو ملندو۞ مسجد درس ۾ شامل ٿيڻ جي صورت ۾ اوتري دير مسجد ۾ ويهڻ جو ثواب ملندو ۞ نيڪ صحبت ۾ ويهڻ نصيب ٿيندو ۞ گھر کان ئي درس ۾ شرڪت جي نيت ڪري نڪرندو ته راهِ علم دين ۾ هلڻ جو ثواب ملندو ۞ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! مخلوقات ايسيتائين جو درياءَ جون مڇيون به دعا ڪنديون. اچو ته ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## هوٽل جي زينت بڻجڻ وارو نوجوان

حيدرآباد، سنڌ جي رهواسي هڪ اسلامي ڀاءُ پنهنجو واقعو ڪجھ هن طرح بيان ڪيو ته: هڪ ڏينهن مان ڪنهن هوٽل تي ويهي

چانھ پي رھيو ھئس تہ سنتن پريو لباس پھريل ھڪ اسلامي ڀاءُ منھنجي ويجھو آيو، نھايت گرمجوشيءَ سان ھٿ ملايائين ۽ چيائين: پيارا ڀاءُ! ٻاھر چوڪ تي درس ٿي رھيو آھي. اوھان چند منٽ عنايت فرمايو، اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! ڪوڙ سارين نيڪين جو خزانو ھٿ ايندو. مان انھن جي خوش اخلاقي ۽ ملنساري کان متاثر (*Impress*) ٿي ھٿو ھٿ انھن سان گڏ ھلي پيس. ٻاھر ھڪ اسلامي ڀاءُ **فيضانِ سنت** مان درس ڏئي رھيا ھئا، ٻين اسلامي ڀائرن جيان مان بہ درس ٻڌڻ ۾ مصروف ٿي ويس، درس ٻڌي منھنجي دل چوٽ کاڌي، مون سچي دل سان توبھ ڪئي ۽ اسلامي ڀائرن جي صحبت اختيار ڪري ورتي، جنھن جي برڪت سان ڪڏھن سنتن ڀريي اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت تہ ڪڏھن قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سفر ڪرڻ نصيب ٿيڻ لڳو. آھستي آھستي مان ديني ماحول جي ويجھو ٿيندو ويس، آخرڪار ھوٽلن جي زينت بڻجڻ وارو نوجوان چوڪ درس جي برڪت سان اَلحَمْدُلِلّٰہ! عاشقان رسول سان گڏ مسجد ۾ وقت گذارڻ وارو بڻجي ويس.[1]

عطائے حبیبِ خدا دینی ماحول | ہے فَیضانِ غوث و رضا دینی ماحول
سَنور جائے گی آخرت ان شاء اللہ | تم اپنائے رکھوّ سدا دینی ماحول[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1…میں نے ویڈیو سینٹر کیوں بند کیا، صفحہ:12 ملخصًا۔

2… وسائلِ بخشش، صفحہ:646 ملتقطاً۔

# نيڪ اعمال (*Naik Amal*) موبائل ايپلي ڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ بڻجڻ ۽ نيڪ عملن ۾ واڌاري جي لاءِ دعوت اسلامي جي *I.T* ڊپارٽمنٽ هڪ موبائل ايپلي ڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: **نيڪ اعمال** **(*Naik Amal*)** هيءَ ايپلي ڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو، هن ايپلي ڪيشن ۾: اسلامي ڀائرن، اسلامي ڀينرن ۽ طالب علمن لاءِ الڳ الڳ رسالا موجود آهن ۞ ان کي **6** مختلف ٻولين ۞ انگريزي ۞ اردو ۞ هندي ۞ بنگلا ۞ گجراتي ۽ ۞ سنڌي ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو ۞ هن ۾ مختلف نيڪ عملن تي مشتمل سوال ڏنا ويا آهن ۞ هر سوال جي هيٺان **30** خانا آهن، روزانو پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪو به وقت مقرر ڪري پنهنجي عملن جو جائزو وٺو ۽ انهن مطابق زندگي گذارڻ جي ڪوشش ڪريو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن بڻجندو، دل جي پاڪيزگي نصيب ٿيندي ۽ ڪردار صاف، ستھرو، اُجرو ۽ خوبصورت ٿي ويندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ڪجھ ضروري اعلانات

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجھ ضروري اعلانات ٻڌي وٺو. هر ڇنڇر تي امیرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه **مدني چينل** تي **لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آهن، ايندڙ ڇنڇر تي به مدني چينل تي

عشاء جي نماز کان پوءِ (تقريباً **8** وڳي) اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِیْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو. جنهن ۾ شيخِ طريقت اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب بہ عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ان جي دعوت ڏين. ۞ شيخ طريقت، امير اهلسنت هر هفتي هڪ **دِيني رسالو** پڙهڻ جي ترغيب بہ ارشاد فرمائيندا آهن، ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي"**حضرت سفيان ثوري** رَحمةُ اللهِ عَلَيْه **جا 87 فرمان**"جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو! ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان هي رسالو ٻين سان بہ شيئر (Share) ڪريو! ۞ حضرت خواجہ غريب نواز رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيه، جن جي ولايت جو دنيا ۾ چرچو آهي، ماڻهو ساڻن تمام گهڻي عقيدت رکندا آهن ۽ سندن مزار تي حاضري ڀريندا آهن، پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيه جي مقام، مرتبي ۽ سندن سيرت مبارڪ جي روشن پهلوئن کي ڄاڻڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه طرفان شايع ٿيل **2** رسالن جو ضرور مطالعو فرمايو **(1): ڪراماتِ خواجہ (2): فيضانِ خواجہ غريب نواز.**

۞ مڪتبة المدينه ڏئي رهيو آهي امير اهل سنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي لکيل تمام پياري ڪتاب **نماز جا احڪام** تي خصوصي رعايت (*Special Discount*) هي ڪتاب مڪتبة المدينه جي ڪنهن بہ شاخ تان **31 ڊسمبر 2025** تائين اسپيشل ڊسڪائونٽ (*Special Discount*)

تي **690 روپين** جي بدران **566 روپين** ۾ خريد ڪري سگهجي ٿو.

گهر ويٺي ڪتاب حاصل ڪرڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي ڪال سينٽر نمبر تي رابطو ڪريو:

**03131139278**

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي جا ڪجهه آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدار رسالت، شهنشاهه نبوت صَلَّى اللّٰہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِيْ فَقَدْ اَحَبَّنِيْ وَمَنْ اَحَبَّنِيْ كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ يعني جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. [(1)]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## سُمهڻ ۽ جاڳڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّمَ: جيڪو شخص عصر کان پوءِ سمهي ۽ ان جو عقل ضايع ٿي وڃي ته اُهو پنهنجو پاڻ کي ملامت ڪري. [(2)]

---

1… تاريخ ابن عساکر، رقم:829، انس بن مالک...الخ، جلد:9، صفحہ:343۔

2… مسند ابی یعلی، جلد:4، صفحہ:121، حدیث:4915۔

اي عاشقان رسول! سمهڻ کان پهريان بستري کي چڱي طرح ڇَنڊيو تہ جيئن کو ڪيڙو وغيره هجي تہ نڪري وڃي. ❀ سمهڻ کان پهريان هيءَ دعا پڙهي وٺو: اَللّٰهُمَّ بِاسْمِكَ اَمُوْتُ وَ اَحْيَا يعني اي الله پاڪ! مان تنهنجي نالي سان ئي مرندو آهيان ۽ جيئندو آهيان(يعني سمهندو ۽ جاڳندو آهيان) ❀ ڏينهن جي شروعات واري حصي ۾ سمهڻ يا مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ سمهڻ مڪروه آهي. ❀ ٻن پهرن جو قيلولہ ڪرڻ (يعني ٿوري دير ليٽڻ) مستحب آهي. ❀ سمهڻ ۾ مستحب هي آهي تہ باوضو سمهو ٿوري دير ساڄي پاسي تي ساڄو هٿ پنهنجي ڳَل جي هيٺان رکي قبلي رخ سمهو ان کان پوءِ کاٻي پاسي تي سمهو. ❀ سمهڻ وقت قبر ۾ سمهڻ کي ياد ڪريو تہ اتي اڪيلو سمهڻو پوندو سواءِ پنهنجن عملن جي ڪو بہ گڏ نہ هوندو. ❀ سمهڻ وقت يادِ خدا ۾ مشغول رهو تهليل، تسبيح ۽ تحميد پڙهندا رهو (يعني لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ، سُبْحَانَ اللّٰهِ، ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ جو ورد ڪندا رهو) ايسيتائين جو ننڊ اچي وڃي ڇوتہ جنهن حالت تي انسان سمهندو آهي ان ئي حالت تي اٿندو آهي ۽ جنهن حالت تي مرندو آهي قيامت جي ڏينهن ان ئي حالت تي اٿاريو ويندو. ❀ ننڊ مان سجاڳ ٿيڻ کان پوءِ هيءَ دعا پڙهو: اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِیْ اَحْیَانَا بَعْدَ مَا اَمَاتَنَا وَ اِلَیْهِ النُّشُوْرُ يعني سڀئي تعريفون الله پاڪ جي لاءِ آهن جنهن اسان کي مارڻ کان پوءِ جياريو آهي ۽ ان ڏانهن ئي موٽي وڃڻو آهي. ❀ ننڊ مان اٿڻ کان پوءِ مسواڪ ڪريو. ❀ رات جو اٿي تهجد ادا ڪجي تہ تمام وڏي سعادت جي ڳالهہ آهي.(1)

ميں سو جاؤں يا مصطفٰے کہتے کہتے | کھلے آنکھ صَلِّ علٰی کہتے کہتے

---

1…550سنتين اور آداب، صفحہ:38-40۔

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مکتبة المدينہ جو شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: **3** مان حصو **16** ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دامت برکاتهم العاليه جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوت اسلامي جي قافلن ۾ عاشقان رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

| | |
|---|---|
| رَبّ کے در پر جھکیں التجائیں کریں | بابِ رحمت کھلیں قافلے میں چلو |
| عاشقانِ رسول ان سے رحمت کے پھول | آؤ لینے چلیں قافلے میں چلو |

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّی اللہُ علَیہِ واٰلِہٖ وسلَّم

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي

وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهڻ ۾ گهڻ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناه معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[3]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیْ عِلْمِ اللهِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْكِ اللهِ

---

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

3... القول البديع الباب الثانی، ص277

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه كِن بُزرگن كان نقل كن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[1]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اکبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[2]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[3]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149
2... القول البديع الباب الاول، ص125
3... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہصَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآاِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،10/254،حديث:17305

2 ... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455